# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXII مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXXII OF 2002
# سنڌ ڪرڙمي (ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH TENANCY (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Act No.XX of 1950

3. 1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Act No.XX of 1950

4. 1950جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Act No.XX of 1950

5. 1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of section 6 of Act No.XX of 1950

6. 1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعات 8، 14 ۽ 16 جي ترميم

Amendment of sections 8, 14 and 16 of Act No.XX of 1950

7. 1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعه 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Act No.XX of 1950

8. 1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعه 22 جي ترميم

Amendment of section 22 of Act No.XX of 1950

9. 1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 23 جي ترميم

Amendment of section 23 of Act No.XX of 1950

10. 1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 24 جي ترميم

Amendment of section 24 of Act No.XX of 1950

11. 1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 25 جي ترميم

Amendment of section 25 of Act No.XX of 1950

12. 1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 27 جي ترميم

Amendment of section 27 of Act No.XX of 1950

13. 1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 29 جي ترميم

Amendment of section 29 of Act No.XX of 1950

14. 1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعات 30، 31، 32 ۽ 33 جي ترميم

Amendment of sections 30, 31, 32 and 33 of Act No.XX of 1950

15. 1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 36 جي ترميم

Amendment of section 36 of Act No.XX of 1950

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXII مجريه 2002
## SINDH ORDINANCE NO.XXXII OF 2002
# سنڌ ڪڙمي (ترميم) آرڊيننس، 2002
## THE SINDH TENANCY (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[21 سيپٽمبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ڪڙمي ايڪٽ، 1950 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ڪڙمي ايڪٽ، 1950 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووينزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووينزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووينزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪڙمي (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ ڪڙمي ايڪٽ، 1950 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾:

(i) شق (3) لاءِ سواءِ وضاحت جي، هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(3)" زميندار" ("زميندار") مطلب هڪ شخصجنهن جي هٿ هيٺ هڪ ڪڙمي آبادي لاءِ زمين رکي ٿو، يا اهڙي زميندار جو ليزي."

(ii) شقن (6)، (7) ۽ (8) کي ختم ڪيو ويندو.

(iii) شق (16) ۾ لفظن "سنڌ لينڊ روينيو ڪوڊ، 1879" لاءِ لفظ "سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967" متبادل ٿيندا.

1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Act No.XX of 1950

3. چاٽايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3 لاءِ، هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"3. هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ فقط ڪڙمي جو هڪ درجو هوندو يعني، مستقل ڪڙمي."

1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Act No.XX of 1950

4. چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 4 جي شق (i) ۾ لفظ "تي" لاءِ لفظ "بہ" متبادل ٿيندو.

1950جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Act No.XX of 1950

5. چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 6 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظ "تي" لاءِ لفظ "بہ" ۽ انگ "1948" لاءِ انگ "2002" متبادل ٿيندو.

1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 6 جي ترميم

(ii)ذيلي دفعہ (2) کي ختم ڪيو ويندو.

Amendment of section 6 of Act No.XX of 1950

6. جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 8، 14 ۽ 16 کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعات 8، 14 ۽ 16 جي ترميم

Amendment of sections 8, 14 and 16 of Act No.XX of 1950

7. جاٽايل ايڪٽ ۾، دفعہ 15 کانپوءِ، عنوان "باب III" ۽ ذيلي عنوان "ڪڙمي عام طور تي" ختم ڪيا ويندا.

1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Act No.XX of 1950

8.جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 22 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "عام طور تي سندس سمورن ڪڙمين مان "فقير" طور ڄاتل" لاءِ لفظ "يا سندس ڪڙمين مان فقير يا ڪڙمي جي ڪٽنب جو ڪو رڪن" متبادل ٿيندا.

1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 22 جي ترميم

Amendment of section 22 of Act No.XX of 1950

9.جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 23 ۾:

(i) شق (a) ۾، ڪاما ۽ لفظن "هٽرادو پورهيو ۽ هسبندري جا ڪم" لاءِ لفظ "۽ هٽرادو پورهيو" متبادل ٿيندا ۽ آخر ۾ ايندڙ

1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 23 جي ترميم

سيمي ڪولن کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:
"بشرطيڪ هر ڪاهڻ، سنوت، رونبي، لاباري، ڳاهہ يا ٻئي فارم جي شين ۽ پيداوار جي ڪٽڻ يا ڍوئڻ لاءِ مڪينيڪل سامان يا مشينري جي استعمال جي صورت ۾، سمورا خرچ بازاري اگهہ جي بنياد تي لڳايا ويندا ۽ اهي خرچ زميندار ۽ هاري طرفان برابري جي بنياد تي برداشت ڪيا ويندا."
(ii)شقون (e) ۽ (f) ختم ڪيون وينديون.

10. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 24 ۾:
(i)شق (a) ۾، لفطن "پنهنجي قيمت تي ڪڙمي کي کاڌ خوراڪ ڏيڻ" لاءِ لفظ "مساوي طور تي هاري کي روڪ رقم ادا ڪرڻ" متبادل ٿيندا.
(ii) شق (b) ۾، لفظ "پاڻي" ۽ لفظ "ڏانهن" وچ ۾ لفظن "بشمول لفٽ ۽ ٽيوب ويل" کي شامل ڪيو ويندو.
(iii) شق (c) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:
"(c) هي ليند روينيو، پاڻي اگهہ، زڪوات، عشر ۽ ٻيون ٽيڪسز ڊيل، سرچارج ۽ زمين جي سلسلي ۾ اوڳاڙي جي ادائگي جو ذميوار هوندو ۽ ٻج مهيا ڪرڻ لاءِ ۽ ڀاڻ جي قيمت ۽ جيت مار دوائن لاءِ خرچ زميندار ۽ ڪڙمي طرفاسن برابري جي بنياد تي برداشت ڪيو ويندو پر زميندار ڪو بہ مفت پورهيو ڪڙمي کان نہ وٺندو يا سندس ڪٽنب جي ڪنهن رڪن کان پڻ مفت پورهيو نہ وٺندو.

11. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 25 ختم ڪئي ويندي.

Amendment of section 23 of Act No.XX of 1950

1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 24 جي ترميم
Amendment of section 24 of Act No.XX of 1950

1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 25 جي ترميم
Amendment of

section 25 of Act No.XX of 1950

**1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 27 جي ترميم**

Amendment of section 27 of Act No.XX of 1950

12. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 27 ۾ لفظ “مختيارڪار” يا “مهالاري” لاءِ لفظ “ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)” متبادل ٿيندا.

**1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 29 جي ترميم**

Amendment of section 29 of Act No.XX of 1950

13. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 29 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن “ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)” لاءِ لفظ “ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)” متبادل ٿيندا ۽ لفظ “جيئن معاملو هجي” ختم ڪيا ويندا.

**1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعات 30، 31، 32 ۽ 33 جي ترميم**

Amendment of sections 30, 31, 32 and 33 of Act No.XX of 1950

14. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 30، 31، 32 ۽ 33 ۾ لفظن “ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)” لاءِ لفظ “ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)” ۽ لفظن “ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)” لاءِ لفظ “ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)” متبادل ٿيندا.

**1950 جي ايڪٽ نمبر XX جي دفعہ 36 جي ترميم**

15. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 36 ۾ لفظن “اسسٽنٽ ڪليڪٽرس، ڊپٽي ڪليڪٽرس ۽ مختيارڪار” لاءِ لفظ

Amendment of section 36 of Act No.XX of 1950

“ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)، ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) ۽ ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)” متبادل ٿيندا.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**